هفتيوار رسالو:333
WEEKLY BOOKLET:333

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس
عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ملفوظات جو تحريري گلدستو بنام

# ڪاروبار جي باري ۾ 13 سوال جواب

صفحا 14



02 "خريد ڪيل مال واپس نه ٿيندو" لکي لڳائڻ ڪيئن؟
04 ڇا هر ڪاروبار جي لاءِ شرعي راهنمائي ضروري آهي؟
08 گهرواري مهر جي رقم مڙس کي ڪاروبار جي لاءِ ڏئي سگهي ٿي؟
13 ڏو بي وٽ وسري ويل ڪپڙن جو حڪم؟

پيشڪش: المدينة العلمية (دعوت اسلامي)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکر بیروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **ڪاروبار جي باري ۾ 13 سوال جواب**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

www.dawateislami.net

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علاّمہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو سوال جواب تي مشتمل رسالو

# ڪاروبار جي باري ۾ 13 سوال جواب

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪاروبار جي باري ۾ 13 سوال جواب[1]

**دعاءِ خليفءِ عطار:** ياربَ المصطفيٰ! جيڪو به هي مڪمل رسالو ”ڪاروبار جي باري ۾ 13 سوال ۽ جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي شرعي تقاضن جي مطابق ڪاروبار ڪرڻ جي توفيق ڏي ۽ان جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النّبيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن کي ڪا مشڪل پيش اچي ان کي مون تي ڪثرت سان درود پڙهڻ گهرجي ڇوته مون تي درود پڙهڻ مصيبتن ۽ بلائن کي ٽارڻ وارو آهي. (القول البديع، ص 414)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**سوال:** جڏهن اسان بيڪري تان ڪو پيڪ ٿيل سامان وٺندا آهيون ۽ گهر اچي ان کي کوليندا آهيون ته بعض اوقات اهو خراب نڪرندو آهي. پوءِ جڏهن اسان ان کي واپس ڪرڻ ويندا آهيون ته بيڪري وارا متائي ناهن ڏيندا ته اهڙي صورت ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي.؟

**جواب:** ان صورت ۾ بهتر اهو ئي آهي ته دڪان تي ئي اُن کي

1 هي رسالو امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ڪيل سوالن ۽ ان جي جوابن تي مشتمل آهي.

چيڪ ڪري ڪٺو. جيڪڏهن گهر وڃي ڪري چيڪ ڪرڻ کان پوءِ واپسي ڪندا ته دڪاندار نه مڃيندو جڏهن ته خريدار قسم کڻندو ته مون ان ۾ ڪجهه به نه ڪيو آهي، گهر وڃي کوليم ته اهو خراب نڪتو ته ايئن جهيڙو ٿي پوندو. خريدار کي گهرجي ته هُو دڪاندار کان پڇي ته مان پيڪٽ ڦاڙي ڏسان ٿو جيڪڏهن صحيح هوندو ته وٺندس نه ته نه وٺندس، هاڻي جيڪڏهن اهو اجازت ڏي ٿو پوءِ ئي پيڪٽ ڦاڙيو نه ته بغير اجازت جي ڦاڙيندا ته جهيڙو ٿيندو ۽ ڪاروبار ۾ اهڙو انداز اختيار ڪرڻ جائز ناهي جو جنهن جي ڪري جهيڙي جا امڪان پيدا ٿين.

## "خريد ڪيل مال واپس نه ڪيو ويندو" لکي لڳائڻ ڪيئن؟

(هن موقعي تي مدني مذاڪري ۾ شريڪ مفتي صاحب فرمايو:) جيڪڏهن شيءِ ۾ عيب آهي ته جيتوڻيڪ خريدار ان کي دڪان تي کولي نه ڏنو تڏهن به دڪاندار کي واپس وٺڻ لازم آهي. ڪيئي اهڙيون شيون هونديون آهن جيڪي دڪان تي نٿيون کولي سگهجن ۽ انهن کي گهر اچي ڪري ئي کولڻو پوندو آهي جيڪڏهن دڪان تي کوليندا ته سنڀالڻ مشڪل ٿي ويندو. عام طور تي مِعياري هنڌن تي شين جو خراب نڪرڻ گهٽ ئي هوندو آهي ۽ جتي ايئن ٿيندو آهي اُتي ڪيئي دڪاندار هي لکي ڪري لڳائي ڇڏيندا آهن ته خريد ڪيل مال واپس نه ڪيو ويندو حالانڪه هي ڪو اصول يا ضابطو ناهي بلڪ جيڪا شيءِ خراب آهي اها دڪاندارن کي واپس ڪرڻي ئي پوندي. جيڪڏهن دڪاندار واپس نه ڪرڻ چاهي ته دڪاندار پنهنجي طرفان گراهڪ کي چئي ڇڏي ته هي شيءِ جهڙي به آهي ان

ڪي هتي ئي ڏسي وٺو بعد ۾ واپسي نہ ٿيندي، پر هي جيڪو لکي ڪري لڳائي ڇڏيندا آهن تہ خريد ڪيل مال واپس نہ ڪيو ويندو هي شرعي اعتبار سان صحيح ناهي.(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 64/2)

**سوال** مان هڪ دڪان تي ڪم ڪندو آهيان، ڪڏهن ڪڏهن اسان جي دڪان تي گراهڪن جي تمام گهڻي رش ٿي ويندي آهي جو جنهن سبب جي ڪري مان جماعت سان نماز ناهيان پڙهي سگهندو تہ اهڙي صورت ۾ جماعت جو ڇڏڻ ڪيئن آهي.؟

**جواب:** جيڪڏهن جماعت جو وقت ٿي ويو ۽ جماعت سان نماز پڙهڻ ۾ گراهڪن جي رش کان علاوه ٻي ڪا رڪاوٽ ناهي تہ هي جماعت ڇڏڻ جي لاءِ شرعي عذر ناهي، گراهڪن کي ڇڏي ڪري جماعت سان نماز پڙهڻ واجب آهي. جيڪڏهن ڪو گراهڪ جي سبب جماعت ڇڏيندو تہ گنهگار ٿيندو. جيڪڏهن گراهڪ ڇڏي ڪري جماعت سان نماز پڙهڻ جي ذريعي حرص ۽ لالچ جي ڪاٽ نہ ٿيندي تہ پوءِ ڪنهن جي ذريعي ٿيندي؟ ياد رکو! اهڙي نوڪري بہ جائز ناهي جنهن ۾ جماعت سان نماز پڙهڻ کان منع ڪيو ويندو هجي يا اها جماعت سان نماز پڙهڻ ۾ رڪاوٽ بڻجندي هجي. باقي جيڪڏهن نوڪري ڪنهن اهڙي مقام تي آهي جو جتي ڪا اهڙي مسجد ناهي جو جنهن ۾ باجماعت نماز پڙهي سگهجي تہ هن صورت ۾ جيڪڏهن ڪنهن وقت جي اندر اندر مڪروه وقت کان پهريان نماز پڙهي ورتي تہ ڪو گناهہ ناهي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 65/2)

**سوال:** ڪاروباري ضرورت يا رقم جي حفاظت جي لاءِ بينڪ ۾ اڪاؤنٽ ڪولرائڻ جائز آهي يا نہ؟

جواب: ڪرنٽ (Current) اڪائونٽ کولرائي سگھو ٿا، سيونگ اڪائونٽ کولرائڻ سان علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ عَلَيْهِم منع فرمايو آهي، ڇوته اُن تي وياج ڏبو آهي.

(چندے کے بارے میں سوال جواب، ص49) (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،342/4)

سوال: جيڪڏھن ڪاروبار ۾ باربار نقصان ٿيندو ھجي تہ ان جا ڪهڙا سبب ٿي سگھن ٿا؟

جواب: نفعو نقصان الله پاڪ جي اختيار ۾ آهي. بعض اوقات آزمائش ۽ امتحان بہ ھوندو آهي ۽ ڪڏھن پنھنجي ڪوتاھي بہ ٿيندي آهي. عام طور عوام اھو سمجھندو آھي تہ ڪنھن بندش يا جادُو ڪرايو آهي، اهڙا ماڻھو هر ڳالھ ۾ جادو، جنّ ۽ اثرات جهڙيون شيون ڪيندا آھن، ھي ضروري ناھي، ڇوته سيئي ماڻھو واندا ٿوري وينا آھن جو جادو ئي ڪرائيندا رھندا. جيڪڏھن ڪاروبار ۾ نقصان ٿي رھيو ھجي تہ ان جي لاءِ جدّوجهد(محنت) ڪيو، الله پاڪ جي حضور توبہ ڪيو، تلاوت ڪيو، نمازون پڙھو، الله ڪريم جي بارگاھ ۾ دعائون ڪيو ۽ روزيءَ ۾ برڪت وارا اَوراد و وظائف پڙھو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! روزي کلي ويندي، ترقّي ٿي ويندي ۽ ڪاروبار جو نقصان رڪجي ويندو. دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي رسالي "جھرڪي ۽ انڌو نانگ"[1] جو مطالعو ڪيو، ان ۾ روزيءَ ۾

[1] جھرڪي ۽ انڌو نانگ" ھي رسالو امير اھل سُنّت جي تصنيف آھي، جنھن جا 33 صفحا آھن. ھن رسالي ۾ فقر جي تعريف، فقر جي فضيلت تي حديثون، حاجت لڪائڻ جي فضيلت، تنگدستي جا اسباب ۽ ان کان نجات حاصل ڪرڻ جو علاج، رزق ۾ برڪت جو وظيفو ۽ ان کان علاوه بين ڪاروباري معاملن ۾ آساني جا نسخا بہ بيان ڪيا ويا آھن. (شعبہ ملفوظاتِ امير اھل سنت)

برڪت جا بهترين ورد ۽ وظيفا ڏنا ويا آهن. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اوهان جو ڪاروبار ڪلي ويندو. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،70/5)

سوال: واپار ڪرڻ وارن ڪجھ ماڻهن کي جيڪڏهن هي چيو وڃي ته اوهان پنهنجي ڪاروبار جي باري ۾ شرعي راهنمائي وٺو يا دارالافتاء هليا وڃو ته چوندا آهن ته ”نه اسان ڪوڙ ڳالهايون ٿا ۽ نه ئي ڪنهن جا پيسا کائون ٿا، پوري زڪوات به ادا ڪندا آهيون، انهيءَ ڪري اسان کي شرعي راهنمائي وٺڻ جي ضرورت ناهي.“ هن باري ۾ اوهان ڇا فرمايو ٿا؟ [1]

جواب: جيڪڏهن مان هي چوان ته ”هن دور ۾ 99.9 فيصد واپاري اهڙا آهي جن کي ڪاروبار جي مسئلن جي خبر ئي ناهي“ ته شايد هي مبالغو نه ٿيندو. صرف ڳالهيون ڪري رهيا هوندا آهن ته ” اسان ته رڳو الله ڪري رهيا آهيون. اسان کي وڏيڪ لالچ ناهي، اسان صرف ٻارن جي لاءِ روزي ڪمايون ٿا“ حالانڪ ڪمائي ڪمائي پنهنجا اڪائونٽ ڀري رهيا هوندا آهن ۽ انهن کي خبر به ناهي پوندي. هي سمجهي رهيا هوندا آهن ته”مون ڪهڙي شراب جي دڪان ڪولي آهي! يا مان ڪهڙو وياج جو ڪم ڪيان ٿو!“ حالانڪ ڳالھ ڳالھ تي ڪوڙ ڳالهائي رهيا هوندا ۽ دوکو ڏئي رهيا هوندا آهن. انهن شين کي هي Serious (سنجيده) ئي ناهن ونندا، هي سمجهندا آهن ته ”ڪاروبار ۾ اهو سڀ هلندو آهي، هنن شين جي بغير ڪاروبار ڪيئن ٿيندو! ڪوڙ نه ڳالهايون ته شيءِ وڪامندي ئي ناهي“ نَعُوْذُبِالله! هي شيطان جو ٺاهيل ذهن آهي. جڏهن هي حال

1 هي سوال شعبه ملفوظات امير اهل سنت قائم ڪيو آهي جڏهن ته جواب امير اهل سنت جو ڏنو آهي.

هوندو تہ برڪت ڪيئن ايندي؟ نمازن ۾ دل ڪيئن لڳندي؟ خشوع و خضوع ڪيئن ايندو؟ رِقّت ڪيئن ايندي؟ گناهن کان نفرت ڪيئن ٿيندي؟ جيڪي ڪاروباري حضرات بڌي رهيا آهن اُهي ”دارالافتاء اهل سنت“ کان پنهنجي ڪاروبار جي تفتيش ڪرائين، ان جي لاءِ باقاعده حاضر ٿيڻو پوندو، يا جيڪڏهن حاضر ٿيڻ ممڪن ناهي تہ انٽرنيٽ وغيره جي ذريعي ئي رابطو ڪن ۽ پنهنجي ڪاروبار جي شرعي راهنمائي وٺن. ان جي بغير پنهنجي ٻارن ٻچن ڪي حلال روزي کارائڻ ڏاڍو مشڪل آهي. مون بلڪل صاف ۽ عام ڳالھ ڪئي آهي، ڪنهن جي ڪاروبار تي ڪو حڪم ناهي لڳايو. سيٺي کي مسئلا سکڻ گهرجن. مُلازم آهيو تہ ملازمت جا ۽ سيٺ آهيو تہ مُلازم رکڻ ۽ سيٺ ٻڌجڻ جا مسئلا سکڻ فرض آهن. (فتاوىٰ رضويہ، 623-626/23ملخصاً) جيڪڏهن هي چوندا تہ ”يار! اسان هن چڪر ۾ ناهيون پوندا“ تہ قيامت جي ڏينهن بہ چئي ڇڏجو تہ”اسان هن چڪر ۾ ناهيون پوندا.“ نَعُوۡذُبالله! ڪٿي ايئن نہ ٿي جو جهنم ۾ وڃو وڃي. جڏهن اسان دنيا ۾ آيا آهيون ۽ اَلحَمۡدُلله! مسلمان آهيون تہ اسان کي الله ۽ ان جي رسول جا احڪام مڃڻا ئي پوندا، ان جي بغير ڇوٽڪارو ناهي. جيستائين ڪوشش نہ ڪندا تہ ڪجھ نہ ٿيندو. الله ڪريم اسان کي ڪوشش ڪرڻ وارو بڻائي. ( ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 75/5)

سوال: ڪپڙي تي مختلف قسم جا ڊيزائن ٺاهڻ جي لاءِ ٻچيل ڪٽ پيس استعمال ڪيا ويندا آهن، ڇا ان جي استعمال جي اجازت آهي؟

جواب: ڪپڙي تي ڊيزائن ٺاهڻ جي لاءِ مختلف قسم جا جيڪي رنگين ڪپڙا لڳائيندا آهن تہ ظاهر آهي اهي ڪنهن ٿان کي ڦاڙي ڪري ڪڍي ناهن لڳائيندا، بلڪ ٿان مان ٻچيل ڪٽ پيس يا ڪپڙا

سلائي ڪرڻ ڪان پوءِ جيڪي مختلف قسم جا ڪٽ پيس بچي ويندا آهن انهن مان ٻٽايا ويندا آهن ۽ هي درزي جي لاءِ حق ۽ حلال جا هوندا آهن. ڪجھ ماڻهن کي سادو سوٽ سنو ناهي لڳندو تہ هُو پنهنجو شوق پورو ڪرڻ جي لاءِ هي ڪپڙا لڳرائيندا آهن. بهرحال! جنهن ڪپڙي مان هي ڊيزائن ٻٽايا ويندا آهن اُن جي باري ۾ جيستائين اهو ڪنفرم نہ ٿئي تہ هي ڪپڙو چوريءَ جو آهي تہ ان کي لڳرائي سگهو ٿا. جيڪڏهن ڪٽ پيس جي باري ۾ هي طئي ڪيو وڃي تہ اهي چوريءَ جا هوندا آهن تہ پوءِ ڪٽ پيس جو ڪاروبار بہ ناجائز ٿي ويندو، حالانڪ ايئن نہ آهي.

## جيڪڏهن مان درزي هجان ها

جيڪڏهن مان درزي هجان ها تہ شايد ايئن ڪيان ها جو هڪ ٿيلهي پاڻ وٽ رکي ڇڏيان ها ۽ گراهڪ جي ڪپڙي مان ڌاڳا نڪرن ها يا جيڪو ڪجھ بچي ها تہ اهو سيئي ان ٿيلهيءَ ۾ وجهي ڇڏيا ها ۽ گراهڪ کي سُوٽ سان گڏ ٿيلهي بہ پيش ڪيان ها. پڻ پرسان Dustbin (ڪچري جو ڊبو) بہ رکان ها، جيڪڏهن ان کي ٿيلهيءَ ڏسي ڪري ڪاوڙ اچي ها تہ مان چوان ها ان کي هن ڪچري جي ڊبي ۾ وجهي ڇڏيو پوءِ چاهيان ها تہ مان ان کي استعمال ڪيان ها. هي منهنجو مزاج آهي جو خبر ناهي تہ انهن کي رکڻ گهرجي يا نہ، ان ۾ خطري جو پهلو وڏو آهي ڇوتہ انسان کي شرعي مسئلن جي معلومات ناهي هوندي، نفسِ اماره يعني سرڪش نفس بہ آهي جيڪو ٻي جو حق مارڻ تي اياريندو رهندو آهي.

ڪپڙن مان جيڪي ڪٽ پيس بچندا آهن اهي مختلف قسمن جي ڪمن ۾ استعمال ٿيندا آهي، شوقين قسم جا ماڻهو هن مان بابا سُوٽ وغيره ٺهرائيندا آهن، ۽ وري هي صفائي ڪرڻ جي ڪم ۾ به ايندا آهن. شين کي اجلڻ وارو دور هليو ويو، هاڻي هر شيءِ وڪامندي آهي، اڳي پريس وارا ڪاغذ جا ٽڪڙا اجلي ڇڏيندا هئا، پوءِ غريب ماڻهو انهن کي اتان ڪان ڪٽي ويندا هئا ۽ ڪاڏو پچائيندي وقت باهه ٻارڻ جي ڪم آڻيندا هئا. بهرحال! ڪو خوفِ خدا وارو درزي هجي ته پاڻ وٽ هڪ ٿيلهي رکي ڇڏي ۽ ڪپڙي مان بچڻ واري هر شيءِ ان ۾ جمع ڪري سندس مالڪ کي ڏئي ڇڏي. ۽ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي نيت ڪري ته ان ۾ نيڪ نامي ٿيندي ۽ ماڻهن جو اعتماد به بحال ٿي ويندو.

## هر دَرزي ڪپڙو چوري ناهي ڪندو

معاشري ۾ هڪ مُحاوَرو ٻڌجي ويو آهي ته ”جيڪو چور ناهي اهو درزي نٿو ٿي سگهي“ جنهن درزي جي ڪپڙا چوري ڪرڻ جي عادت هوندي آهي جيڪڏهن اوهان ان کي پوري ماپ جو ڪپڙو به ڏيندا ته اهو هن انداز ۾ ڪٽنگ ڪندو جو ڪجهه نه ڪجهه ڪپڙو بچائي ويندو. بهار شريعت ۾ آهي: اَڌ پيڏي تائين ڪڙتو پائڻ سُنت آهي. (رد المحتار، 9/ 579، بہار شریعت،3/ 409، حصہ:16)

هاڻي جيڪي اڌ پيڏي تائين ڪُڙتو پائين ٿا انهن کي ان جو تجربو هوندو چوته هُو درزي کي اڌ پيڏي تائين ڪرتي جي ماپ ڏيندا آهن پر ڪو خوش نصيب هوندو جنهن جو اڌ پيڏي تائين وارو ڪڙتو ٺهندو هجي. گراهڪ کي سمجهه نه ايندو، جڏهن جهڪي

ڏسندو ته ڪُڙتو اڌ پيڏي تائين وڃي رهيو هوندو ۽ جڏهن سڌو بيهندو ته بيو ڪو ٻڌائيندو ته اڌ پيڏي تائين آهي يا نه. اهڙي طرح هڪ گرانٽ وڏي آستين جو چوندا آهن پر اها به ڪٽي هوندي آهي؟ ڪٽنگ ۾ ڪپڙو گهٽ ڪري ڇڏيندا آهن. باقي هر درزي ايئن ناهي ڪندو، مان عام ڳالهه ڪري رهيو آهيان، جيڪي ايئن ڪن ٿا انهن کي الله پاڪ ڪان ڊڄڻ گهرجي. پر سيئي درزي ايئن ناهن ڪندا، ماشاءالله دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ ڪوڙ درزي آهن جن سان منهنجو حسنِ ظنّ آهي ته هُو صحيح طريقي سان ڪم ڪندا هوندا. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،220/5)

**سوال:** اوهان ڪهڙو عطر پسند ڪندا آهيو؟ پڻ عطر جي بوتلن ۾ سائز جو وڏو مسئلو ٿيندو آهي، ڪڏهن ٿي گرام جي شيشي ملندي آهي ڪڏهن اڍائي گرام جي ايندي آهي، ۽ Customer (يعني گراهڪ) اڇي ڪري ٿي گرام عطر گهرندو آهي. جوته انهن شيشين ۾ عطر جي ڪيتري مقدار اچي سگهي ٿي ان جو صحيح علم اسان کي به ناهي هوندو ته Customer کي هي ڳالهه ڪيئن سمجهائي وڃي يا ان کي صحيح وزن ڪيئن ٻڌايو وڃي؟ ان جو ڪجهه حل ارشاد فرمايو.

**جواب:**

دنیا پسند کرتی ہے عطرِ گلاب کو — لیکن مجھے نبی کا پسینہ پسند ہے

اڍائي ٽي ماشن جون شيشيون يا ڇُور سائز جون شيشيون ايندیون آهن، هن ۾ واقعي آزمائش آهي جو دڪاندار ڪيئن ان کي پورا ٽي ماشه چئي ڪري وڪڻي؟ ان جو حل هي آهي ته گراهڪ سان وَزن

جو ذڪر ئي نہ ڪيو بلڪ هيئن چئو تہ هي شيشي هيتري روپين جي آهي ۽ هو شيشي هيتري جي آهي. جيڪڏهن شيشي تي لکيل هجي تہ هي تي گرام آهي تہ دڪاندار چئي ڇڏي تہ جيتوٽيڪ هن تي تي گرام لکيل آهي پر مون هن جو وزن ڪري ڏٺو ناهي. هي جيتوٽيڪ مشڪل ٿيندو جو عوام سان ڊيلنگ آسان ڪم ناهي. مان بہ ڪاروباري انسان آهيان، مون کي خبر آهي ماڻهو تنگ ڪندا آهن پر هي سڀ ڪرڻو پوندو نہ تہ تي ماشہ چئي ڪري گهٽ واري شيشي ڏيندا تہ گنهگار ٿي ويندا. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،243/5)

**سوال:** ڇوڪريءَ کي شادي ۾ جيڪا مهر جي رقم ملندي آهي تہ اها ان مهر جي رقم کي ڪيئن استعمال ڪري؟ هڪ پيرو مدني چينل تي ٻڌو هو تہ ڇوڪري مڙس کي ڪاروبار ڪرڻ جي لاءِ اها رقم ڏئي سگهي ٿي.

**جواب:** جيڪو مهر عورت کي ملي تہ اُها ان جي مالڪ آهي. ڪنهن بہ جائز ڪم ۾ ان کي استعمال ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن مڙس کي ڏيڻ چاهي ٿي تہ ڏئي سگهي ٿي ۽ پوءِ جيڪڏهن واپس نہ وٺڻ چاهي تہ معاف ڪرڻ جو بہ ان کي اختيار آهي.
(در مختار، 239/4) (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،65/6)

**سوال:** ڇا 9، 10 محرم تي ڪاروبار ڪرڻ منع آهي؟ پڻ ڇا انهن ڏينهن ۾ گهر ۾ چُلهو بہ نٿا ٻاري سگهون؟

**جواب:** هي ٻئي ڳالهيون غلط آهن. محرم ۾ چلهو بہ ٻاري سگهون ٿا ۽ ڪاروبار بہ ڪري سگهون ٿا.(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،166/6)

**سوال:** دعوت اسلامي جي سنتن ڀري اجتماع ۾ ملاوٽ ڪرڻ جي

سخت عذابن سان گڏوگڏ هن جي وڏي گناهه هجڻ جي باري ۾ به بيان ڪيو ويندو آهي پر جڏهن انسان ڪاروبار ڪندو آهي ۽ ان جو نفعو ڏسندو آهي ته عذابن کي وساري ڇڏيندو آهي ۽ به پيئسا ڪمائڻ جي لاءِ استعمال ٿيڻ واريون شيون جيئن اَٽو، دال، چانور ۽ گيهه ۾ بعض اوقات صحت کي نقصان پچائڻ واريون شيون ملائي وڪڻندو آهي، ان کي هي احساس ناهي ٿيندو ته ملاوت واريون شيون کائڻ سان ماڻهن جي صحت خراب ٿيندي. ڪجهه ڀار معذور ۽ محتاج ٿي ويندا، ڪو اڪين ڪو گُردن جي مرضن ۾ مبتلا ٿيندو. جيڪي ماڻهو ايئن مال جي محبت ۾ پنهنجي دنيا ۽ آخرت کي نقصان پچائيندا آهن آخر انهن جو هن گناهه کان بچڻ جو ذهن ڇو نٿو نهي؟

**جواب:** هي هڪ ڏکهو Topic (موضوع) آهي ۽ هيءَ تمام پريشان ڪندڙ ڳالهه آهي ته هر شيءِ ۾ ملاوت ٿي رهي آهي. پاڻي ۾ به ملاوت ڪئي ويندي آهي. هاڻي اهڙي صورتحال ۾ انسان ڇا ٿو ڪري سگهي؟ هي مسئلو ذهن ۾ رکو ته جيڪڏهن وڪڻندڙ ۽ خريد ڪندڙ ٻنهي کي خبر هجي ته هي مال ملاوت وارو آهي ۽ ان ۾ ايتري ملاوت جي باوجود گراهڪ خوشيءَ سان خريدي رهيو آهي ته گناهه ناهي، پر عام طور تي ائين ناهي ٿيندو. هر ماڻهو خالص شيءِ تلاش ڪندو آهي ۽ اهو پسند ڪندو آهي ته خالص شيءِ ملي پر ملندي ناهي. جيڪڏهن اسان مبالغو ڪيون ته اٽڪل 99.99 سيڪڙو شين ۾ ملاوت ٿي رهي آهي، ڪهڙي ڪهڙي شيءِ جو ذڪر ڪجي. ٻڌو آهي ته کير جي دٻي ۾ به کير جي بدران Whitener Liquid (يعني پاڻيات کي سفيد بڻائڻ واري شيءِ)

هوندي آهي ۽ دٻي تي لڪيل ٻه هوندو آهي ته هيءُ ڪير ناهي، تڏهن ٻه ماڻهو ان جي ڇانهه ناهي ان ڪي پي رهيا هوندا آهن يا ان ڪي ڪير جي جڳهه تي استعمال ڪري رهيا هوندا آهن. جيڪڏهن دٻي ۾ واقعي ڪير ناهي ۽ اهو لڪيل ٻه ويو آهي پڻ جيڪو ڪجهه دٻي ۾ آهي اهو ٻه صحيح لکيو ويو آهي ته پوءِ ناهيندڙ پڪڙ ڪان ٻچي ويندو. اڄڪلهه تقريبًا مرچ مصالحي ۽ ڪير وغيره ۾ ملاوٽ هوندي آهي، ڪير ۾ پاڻي مليل هوندو آهي. ڳئون، مينهن ۽ ٻڪري جو ڪير مڪس هوندو آهي، پر پاڪستان ۾ ماڻهو ڳئون جو ڪير گهٽ پسند ناهن ڪندا، حالانڪ ڳئون جي گيهه ۽ ڪير ۾ شفا هجڻ جي باري مون پڙهيو آهي. (مستدرڪ،575/5، حديث: 8274) ان جي باوجود هتي جا ماڻهو ڳئون جو ڪير گهٽو استعمال ناهن ڪندا. ٻاهرين ملڪن ۾ ڪير جي دٻن تي لڪيل هوندو آهي ته هي ڳئون جو ڪير آهي ۽ ماڻهو ان ڪي استعمال ڪري رهيا هوندا آهن. جيڪڏهن ڪير ۾ ڳئون، مينهن ۽ ٻڪريءَ ٽنهي جانورن جو ڪير مڪس آهي ۽ گراهڪ کي خبر آهي ته پوءِ صحيح آهي. جيڪڏهن خبر نه اٿس ته پوءِ اهو هڪ قسم جو دوکو ٿي ويندو، ڇوته گراهڪ ان کي مينهن جو ڪير سمجهي وٺي رهيو آهي، مينهن جو ڪير گهاٽو هوندو آهي، ان ڪري هتي اسان وٽ وڌيڪ پسند ڪيو ويندو آهي. ڪي ماڻهو اٽو وغيره ملائي ٻه ڪير گهاٽو ڪري ڇڏيندا آهن. الله پاڪ ائين ڪرڻ وارن کي هدايت ۽ توبه جي توفيق عطا فرمائي.

ڪارين مرچن ۾ پپيتي جا ٻج سڪائي وڌا ويندا آهن ڇوته اهي ٻه ڪاري رنگ جا هوندا آهن ان ڪري خبر ناهي پوندي. هوٽلن جي استعمال ٿيل ڇانهه جي پتي ۽ ڀُڳل ڇڻن جي کلن کي رنگ ڪري ڪجهه ماڻهو ڇانهه جي پتي ۾ ملائي مڪس ڪري ڇڏيندا هوندا، بهرحال اهي سڀ ڪم

ٿي رهيا هوندا آهن. گرم مصالحن جي ڏٻن ۾ به خبر ناهي ڇا ڇا مليل هوندو آهي. جيڪڏهن ممڪن هجي ته مصالحي جا ڏٻا خريد ڪرڻ بدران بازار مان ڪليل مصالحا خريد ڪريو، جيتوڻيڪ اهي به خالص نه ملندا، پر ڪجهه بهتر هوندا. باقي گرم مصالحن جا پيڪٽ ناهيندڙ سيئي ملاوٽ ڪندا هجن اهو ضروري ناهي. وري اهو به ٿيندو آهي ته مثال طور ملاوٽ وارو پيڪٽ 25 روپين جو ملندو آهي جڏهن ته خالص پيڪٽ تي 50 روپيا خرچ ايندو آهي هاڻي ان کي گهٽ مان گهٽ 60 روپين جو وڪڻڻو پوندو، هاڻي 25 روپين واري خراب گرم مصالحي واري پيڪٽ جي مقابلي ۾ خالص پيڪٽ کي 60 روپين ۾ ڪير وٺندو؟ اهو ئي سبب آهي جو خالص شيءِ وڪڻڻ واري جي باري ۾ چوندا آهن ته اهو ڦُري ٿو جيتوڻيڪ اهو لکين قسم کڻي يقين ڏياري ته هي خالص آهي پر ڪو ان جو يقين نه ڪندو.

## حلال ذريعن سان رزق ڪمائڻ گهرجي

جيڪڏهن ڪو هي چئي ته بازار ۾ ڪاروبار ڪرڻ جي لاءِ ملاوٽ وارو مال فروخت ڪرڻ (وڪڻڻ) مجبوري آهي ته ان کي گهرجي ته اهڙو ڪم ئي نه ڪري جنهن ۾ ملاوٽ ڪرڻ ۽ دوکو ڏيڻ هجي. حلال رزق ڪمائڻ جا ٻيا به ڪوڙ ذريعا آهن انهن کي اختيار ڪري حلال روزي ڪمائي. عام طور تي ماڻهن کي ڪاڏي ۾ سني ڪان سنا طعام گهرجندا آهن، پوءِ پنهنجي انهن خواهشن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ حرام ذريعي سان مال ڪمائڻ جي گناهه ۾ وجي پوندا آهن. بهرحال جيڪي ماڻهو ملاوٽ ڪان نه ٿا مڙن انهن کي گهرجي ته اهي "ورزش شروع ڪن ته جيئن عذاب برداشت ڪري سگهن." مون هي احساس ڏيارڻ لاءِ جملو چيو آهي، نه ته دنيا ۾ نه ڪا اهڙي ايڪسر سائز آهي ۽ نه ڪو اهڙو

ڪيميڪل جو جنهن سان انسان جهنم جو عذاب برداشت ڪري سگهي
يا ان ڪان بچي سگهي. جيڪڏهن ڪو نِعُوَذُ بِاللہ هي چئي ته مان جهنم
جو عذاب برداشت ڪري ويندس ته ائين چوڻ وارو شخص ڪافر ٿي
ويندو. (فتاویٰ رضويه، 14/ 654) جو ته هن الله پاڪ جي عذاب کي هلڪو سمجهيو
آهي، ياد رکو! دوزخ جي باهه الله پاڪ جي رحمت جي پاڻيءَ ۾ سچي
توبه سان ئي وسامندي، خوفِ خدا ۾ وهندڙ ڳوڙها ئي عذابِ الٰهي سان
بچائيندا، نه ته اسان جي عقل ۽ هوشياري سڀ هتي ئي رهجي ويندي ۽
انهن مان ڪو به اسان سان گڏ نه هلندو. الله پاڪ اسان کي ٿورڙي
روزي تي قناعت عطا فرمائي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صلَّی اللّٰہ علَيهِ واٰلِہٖ وسلَّم

## دوکي ۾ ملاوت ذريعي حاصل ڪيل مال هٿ مان نڪري ويندو آهي

(هن موقعي تي نگرانِ شوريٰ چيو ته) ملاوٽ ۾ ٺڳيءَ سان حاصل ڪيل
مال ضايع به ته ٿي ويندو آهي. مشهور واقعو آهي ته هڪ ماڻهو کير ۾
پاڻي ملائيندو هو، هڪ ڏينهن ٻوڏ آئي ۽ ان جا سيئي جانور لُڙهي ويا.
ڪنهن ان شخص کي چيو ته هي اهو ئي پاڻي آهي جنهن کي تون کير
۾ ملائيندو هُئين. اڄُ اهو ئي پاڻي ٻوڏ جي صورت ۾ آيو ۽ تنهنجو
سمورو مال ڪٽي هليو ويو. (احياء العلوم، 97/2) جيڪي پئسا غلط جاءِ کان ايندا
آهن ته اهي غلط جاءِ تي چورن ڌاڙيلن وغيره جي حوالي ٿي ويندا آهن.
ڪاروبار ۾ دوکو ڏيڻ وارن لاءِ سخت وعيدون آهن، جيئن حديث پاڪ
۾ آهي ته: جيڪو شخص عيبدار شيءِ وڪڻي ۽ ان بابت گراهڪ کي نه
ٻڌائي ته اهڙو شخص الله جي ناراضگي ۾ رهندو ۽ ملائڪ ان تي لعنت
ڪندا رهندا. (ابن ماجه،59/3، حديث:2247) ٻي حديث پاڪ ۾ آهي ته: تمام ڪمائين
۾ گهڻي پاڪيزه ڪمائي انهن واپارين جي آهي جيڪي ڳالهائين ته
ڪوڙ نه هڻن. جڏهن انهن وٽ امانت رکي وڃي ته خيانت نه ڪن، جڏهن

وعدو ڪن ته ان جي خلاف نه ڪن، جڏهن ڪنهن شيءِ ڪي خريد ڪن ته ان جي مذمت يعني برائي نه ڪن، جڏهن پنهنجي ڪا شيءِ وڪڻن ته ان جي تعريف ۾ وڌاءُ نه ڪن، جڏهن انهن تي ڪنهن جو ڪجهه هجي ته ڏيڻ ۾ دير نه ڪن جيڪڏهن هنن جو ڪنهن تي ڪجهه هجي ته وٺڻ ۾ سختي نه ڪن. (شعب الايمان،221/4، حديث:4854) الله پاڪ اسان کي حلال روزي ڪمائڻ جي توفيق عطا فرمائي.اٰمِين بِجاہِ خاتَمِ النّبِیّین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم
(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،438/6)

سوال: هڪ اسلامي ڀاءُ جو مينهن جو ڪاروبار آهي، ان جي ذهن ۾ ڪنهن اها ڳالهه ويهاري آهي ته ”جڏهن به اوهان پنهنجو ڪاروبار وڌائيندا ته اوهان تي جادو ٿي ويندو ۽ اوهان کي ڪجهه نه ڪجهه نقصان ٿيندو!“ هن طرح جي ڪيفيت ۾ انسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ان جو اعتماد ڪيئن بحال ٿئي؟

جواب: اهڙي شخص کي گهرجي ته الله پاڪ تي ڀروسو ڪري، الله پاڪ جيڪو چاهيندو اهو ئي ٿيندو. جيڪڏهن اهو شخص ڪنهن جو مريد آهي ته پنهنجي پير ۽ مرشد جي شجري جا اوراد پابندي سان پڙهي ۽ تعويذ پائي، ان شاءَ الله تمام گهڻو فائدو ٿيندو، اثرات وغيره به دور ٿي ويندا.

مُدّعی لاکھ بُرا چاہے تو کیا ہوتا ہے      وہی ہوتا ہے جو منظورِ خدا ہوتا ہے
(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،194/7)

سوال: ماڻهو پنهنجا ڪپڙا ڌوٻي وٽ وساري ڇڏيندا آهن ۽ گهڻو وقت گذري ويندو آهي، اهڙي صورت ۾ ڌوٻي کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: ڌوٻيءَ کي گهرجي ته هو پنهنجي گراهڪن کان موبائيل نمبر ۽ سندن ايڊريس وٺندو ڪري، پوءِ گراهڪ جي نه اچڻ جي صورت ۾ انهي

ايڊريس تي پاڻ وٽ ڪم ڪرڻ واري مزدور کي ڪپڙا ڏئي موڪلي ڇڏي. ڪجهه علائقا اهڙا بہ آهن جتي ڌوٻي گهران پاڻ ئي ڪپڙا ڪٺي ويندو آهي ۽ ڌوئڻ کان پوءِ ڏئي بہ ويندو آهي. هن ۾ ڪنهن گراهڪ کي وسرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اهو ڌوٻيءَ جو ڪاروبار هوندو آهي ۽ هن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو بہ آس پاس جا هوندا آهن، جيڪڏهن فرض ڪيو ڪو گراهڪ پنهنجا ڪپڙا وساري بہ ويو آهي تہ ان جي گهر ۾ ڪو ڪپڙا پهچائي ئي ڇڏيندو، اهو ايڏو وڏو مسئلو ناهي. البت جيڪڏهن ڌوٻي غفلت ڪري تہ اها الڳ ڳالهہ آهي، پر ڌوٻيءَ کي غفلت ڪرڻ نہ گهرجي، گراهڪ جي ڪپڙا وسارڻ سان اهي مالِ غنيمت نہ بڻجي ويندا جن تي قبضو ڪيو وڃي، انهن کي پاڻ وٽ محفوظ رکڻ گهرجي. عام طور ڌوٻيءَ وٽ ٿورا ئي گراهڪ هوندا آهن، روز نوان گراهڪ نہ ايندا هوندا، ڪاغذ تي نالو لکي پٽ تي لڳائي ڇڏي تہ جيئن ڪو ماڻهو پنهنجا ڪپڙا وساري وينو هجي تہ ڪاغذ ڏسي ان کي ياد اچي وڃي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،204/7)

**سوال:** پاٽي جو ڪاروبار ڪرڻ جائز آهي يا نہ؟

**جواب:** جائز آهي. (ملفوظات امير اهل سنت، 45/2)

**نوٽ:** صفحي 5 تي موجود سوال شعبي ملفوظاتِ اميراهل سنت قائم ڪيو آهي، جڏهن تہ جواب امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو ئي ڏنل آهي.

## ايندڙ هفتي جو رسالو




978-969-722-587-3
01082458

فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net